# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1979
# سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH SMALL INDUSTRIES CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

2. 1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 19 جي ترميم
Amendment of section 19 of Sindh Act XXVI of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 1979
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 1979
# سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1979
# THE SINDH SMALL INDUSTRIES CORPORATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 1979

[29 آگسٽ 1979]

هڪ آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 واري اعلان جنهن کي 1977 واري قانونن (نافذ هئڻ وارو تسلسل) واري حڪم، 1977 سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس، جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (ترميم) آرڊيننس، 1979 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي دفعه 19 جي ترميم

2. سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ايڪٽ، 1972 جي دفعه 19 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) شق (a) ۾، لفظن "ٻه لک رپيا" کي لفظن "ٽي

| | |
|---|---|
| Amendment of section 19 of Sindh Act XXVI of 1972 | لک رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو.<br>(ii) شق (b) ۾، لفظن “اٺ لک رپيا” کي لفظن “ٻارنهن لک رپيا” سان متبادل بڻايو ويندو.<br><br>**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |